

ڪليم ٻٽ
سائنسي افسانو
امن لاءِ اتحاد

# امن لاءِ اتحاد

## (سائنسي افسانو)

## ڪليم ٻُٽ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”امن لاءِ اتحاد“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هن سائنسي افساني جو ليکڪ ناميارو ليکڪ **ڪليم ٻُٽ** آهي.

ٿورائتا آهيون پياري دوست ۽ ليکڪ ڪليم ٻُٽ جا جنهن ڪتاب موڪليو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**

**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**

**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

sulemanwassan@gmail.com

**www.sindhsalamat.com**

**books.sindhsalamat.com**

# 1

ڪالهه واري ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو رخ ئي مٽائي ڇڏيو، جيڪڏهن ڪالهه وارو ڏينهن نہ اچي ها تہ، آئون شايد ڪاليج موٽڻ ڪانپوءِ ڪرڪيٽ ڪيڏڻ جون تياريون ڪريان ها.... گذريل ٽن سالن ۾ اهڙو هڪ ڏينهن بہ نہ آيو آهي جنهن ڏينهن آئون ڪرڪيٽ ڪيڏڻ نہ ويو هجان..... پر هن وقت پري پري تائين ڪرڪيٽ جو خيال بہ نہ آيو اٿم.

ڪالهه منهنجي امي، جيڪا 36 سالن جي وچولي قد واري ۽ صحتمند عورت آهي، مون تي ڇڙي پئي، هميشہ جيان هن ڀيري بہ آئون تازي پوچو ڏنل ڪچن جي فرش تي هلي آيو هوس تہ امي هٿ ۾ جهليل اسٽيل جو وڏو چمچو مون ڏانهن اڇلائيندي رڙ ڪئي هئي:

”توکي هزار ڀيرا منع ڪيو اٿم نہ تہ پوچو ڏنل فرش تي نہ ايندو ڪر.“ امي جي اکين ۾ ڪاوڙ ڏسي مون تي خوف تاري ٿي ويو ۽ آئون ڏاڪڻون چڙهي اسٽور ۾ اچي لڪيس، اسٽور ۾ روشني گهٽ جڏهن تہ مٽي گهڻي هئي، ان ۾ بابا جو پوراڻو سامان ۽ ڪتاب وغيره سٽيا پيا هوندا آهن، جڏهن تہ ڀڳل ٽانءُ، ڪاٺ جي ٽن ٽنگن واري ڪرسي ۽ ٻيو ردي سامان پڻ پيل آهي. آئون امي سان گڏ ڪراچي جي هڪ پوش علائقي ۾ 120 گزن جي گهر ۾ رهندو آهيان، عمر 16 سال ۽ سٽي گرامر اسڪول اينڊ ڪاليج ۾ فرسٽ ائير جو شاگرد آهيان، مون بابا کي رڳو تصويرن ۾ ئي ڏٺو آهي، تصويرن ۾ سندس چهري تي آيل پرسڪون مرڪ همشيہ مونکي ڇڪيندي آهي. هو ڪلين شوءِ ڪڻڪائي رنگ جو جوان مرد هو ۽ بقول امي جي هڪ روڊ حادثي ۾ سندس موت واقع ٿي، امي واتان اهو پڻ ٻڌو اٿم تہ بابا سائنسدان هو. مون امي کي سدائين اڪيلو ڏٺو آهي، هوءَ هڪ سرڪاري ڪاليج ۾ ڪيمسٽري جي ليڪچرار آهي، سالن کان اسان وٽ نہ ڪو مئٽ مائٽ آيو آهي، نہ ئي وري اسان ڪنهن ڏانهن ويا آهيون. امي منهنجي هر مستي مذاق کي برداشت ڪري ويندي آهي، پاڙي جي ڇوڪرن سان وڙهي اچان تڏهن بہ امي ڪجهہ نہ چوندي آهي، پر خبر نہ آهي چو هوءَ ڪالهہ آپي منجهان نڪري وئي.

هٽي ڪاٺي ۾ آئون سنهڙو سپڪڙو آهيان، منهنجو رنگ بہ بابا جيان ڪڻڪائي آهي، آئون ايترو تہ سنهڙو آهيان جو پلي پينٽ ڪيڏي بہ ٽائيٽ چو نہ ٻڌان، پر هلڻ مهل ڇيلهہ

ڪان هيٺ ڪسڪڻ لڳندي آهي. اسان جي گهر جي بلڪل سامهون انڪل اقبال وارن جو گهر آهي، انڪل اقبال پوليس افسر آهي، ڪيس هڪ عدد ٿلهي متاري زال، جيڪا هر وقت ڪاوڙ ۾ رهندي آهي ۽ ٻه ڌئيرون آهن. 21 سالن جي عافيا ۽ ٻئي منهنجي هم جماعت عطيا، عافيا هوبهو ماءُ جي فوٽو ڪاپي آهي. جڏهن آئون پنهنجي ڪمري جي دري ڪوليندو آهيان ته عطيا وارن جو ڪمرو صاف ظاهر ٿيندو آهي، اڪثر عافيا ڪي بيڊ تي پلٽيون هڻندو ڏسي مونکي ويچاري بيڊ تي ڏاڍو رحم ايندو آهي. ٻه چار ڏينهن اڳ ۾ عطيا ڪي مرڪي اشارو ڪيم ته سندس بيدولي ڀيڻ عافيا ڏسي ورتو ۽ شام جو هوءَ سندس وزندار ماءُ سان گڏ اچي اسان جي گهر ڪڙڪي، امي ڪي شڪايت ڏنائون، پر امي ان ڳالهه ڪي ٻه منهنجي ٻاراڻي سمجهي نظرانداز ڪيو، ٻئي ڏينهن ڪاليج ۾ معافي طور عطيا مونکي مارس چاڪليٽ ڏنو.

ڪالهه جڏهن امي مون تي اسٽيل جي چمچي سان وار ڪيو ۽ آئون اسٽور ۾ اچي لڪيس ته منهنجي نظر بابا جي پوراڻن ڪتابن ڏانهن وئي. مون هڪ ناسي پوش وارو ڪتاب ڪڍي ورتو، دز ناسن ۾ وئي ته ڪنگهڻ لڳس ۽ ڪتاب ڪوليم، حيرت ان ڳالهه جي ٿي ته ڪتاب جي پوش ۽ شروع وارن ڪجهه پنن تي هڪ اکر به نه لڪيل هو، جنهن جي ڪري ويتر تجسس وڌي ويو ۽ اهو ڄاڻڻ لاءِ ته هي ڪتاب ڪهڙي موضوع تي آهي، هڪ پنو ٻيو اٿلايم. هڪدم اسٽور جي پٺ سان ڪنهن مرد جو سخت آواز ٽڪرايو:

”امن جي دنيا ۾ ڀليڪار،“ مونکان ڇرڪ نڪري ويو، آواز پڪو ۽ صاف هو، هٿن منجهان ڪتاب ڇڏائجي ويو ۽ ميري فرش تي ڪريو، هيڏانهن هوڏانهن ڏسي جي ڪوشش ڪيم ته اهو آواز ڪنهنجو آهي.....؟ پر اسٽور روم ۾ مون ڪانسواءِ ٻيو ڪير به نه هو. ڪجهه گهڙيون خاموش بيهي فرش تي ڪريل ڪتاب ڪي تڪيم ۽ پوءِ جهڪي ڪتاب ڪنيو، دل جو ڌڙڪو تيز ٿي ويو، وڏا وڏا ساهه ڪڻڻ لڳس، منهن ۽ ڳيچي وٽ پگهر اچي ويو، ڪتاب وري ڪوليم ته ساڳيو آواز گونجيو:

”امن جي دنيا ۾ ڀليڪار،“ آئون وري به ڏڪي ويس، خوف ڪنهن طوفاني ڇوليءَ جيان من اندر اٿل ڦتل ڪائڻ لڳو، پڪ ٿي وئي ته اهو آواز ڪتاب منجهان ئي اچي رهيو آهي، انڪري ڪتاب جو پنو ورايم هي پنو به خالي هو.

”ڇا تون پنهنجو نالو ٻڌائيندين؟“ هن ڀيري به ساڳيو ئي آواز مونکي ويتر ڊيڄاري ويو.

”افنان،“ مون چيو، چپ ٿڙڪڻ لڳا ته وري ٻيو آواز آيو:

”هاڻي تون پنو ورائي سگهين ٿو.“ مون حيرائي ۾ تجسس منجهان پنو ورايو، هي پنو پڻ خالي نظر آيو، هڪ لمحي ڪانپوءِ اهو ئي آواز:

”هن ڪتاب ۾ ٽي ڀاڱا آهن، امن جي دنيا جي تاريخ، امن جي دنيا جي قيام لاءِ جدوجهد ۽ امن جي دنيا جي بقاءَ لاءَ جنگ.....“

”افنان جلدي اچي ماني کاءُ ۽ هٿ منهن ڌوئي اچجان،“ ٻاهران ڪان امي جي رڙ ٻڌم ته ڪتاب هٿ منجهان ڇڏائجي ويو ۽ فرش تي اچي ٺهڪو ڪيائين. تڪڙ ۾ ڪتاب کڻي ٽن ٽنگن واري ڪرسيءَ تي رکيم ۽ اسٽور ڪان ٻاهر پچي ويس. مانيءَ دوران خيال آيو ته امي کي هن دلچسپ ڪتاب بابت ٻڌائجي، پر اهو سوچي ته امي هن کي به منهنجي ڪا شرارت سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيندي، سو چپ رهيس، پر ذهن جي پردن سان ڪتاب جا جملا ٽڪرائنجندا رهيا، ڪيترا ئي ڀيرا سوچيم ته اسٽور ۾ وڃي ڪتاب کولي ڏسان پر همت نه ٿي، جئين سج لهڻ شروع ڪيو ته ويتر خوف وڌي ويو.

اڄ ڪاليج ۾ هوندي به ڪاليج ۾ نه هوس، سڄو ڌيان ان عجيب ڪتاب ڏانهن هو، جنهن به ڀيرا امن جي دنيا ۾ اچڻ تي پليڪار چيو.

امن جي دنيا..... آخري پيريڊ ۾ سوچڻ لڳس: اها وري ڇا آهي؟ ڇا ان ۾ به انسان ئي رهندا آهن؟ پر انسان ته ازل ڪان ئي جنگجو رهيو آهي...... انسان جي اهڙي فطرت کي ته مذهب به روڪي نه سگهيا آهن...... اهڙا ڪيترا سوال ذهن ۾ ايندا رهيا.... پڪو پيهه ڪيم ته گهر پهچي پهريون ڪم اهو ڪبو ته اه عجيب ڪتاب کولبو. جئين ئي موڪل ٿي ته ڪاليج ڪان نڪري سڌو گهر آيس، ٿيلهو ٿي وي لائونج ۾ رکيل صوفا تي اڇلائي، اسٽورروم ڏانهن ڀڳس، ڪاليج جي ڊريس لاهڻ به وسري وئي. اسٽورروم جو در بند ڪري ڪرسيءَ تان ڪتاب کڻي ورتم ۽ ميري فرش تي در کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيس. ڪتاب کولي ڪجهه پنا ورايم، هن ڀيري ڪو به آواز نه آيو.... آئون ڪتاب اٿلائڻ لڳس، اوچتو آواز آيو:

”هن ڪتاب ۾ هڪ لفظ به لکيل نه آهي، پر جئين جئين تون ورق اٿلائيندو ويندي ڪتاب تو سان ڳالهائيندو ويندو، ان دوران تو ڪنهن به قسم جي چالاڪي ڪندين ته سخت سزا ملندئي.“ منهنجي حيرت وڌي وئي ۽ سوچيم: آئون هن بيجان ڪتاب سان ڪهڙي چالاڪي ڪندس ۽ هي ڪهڙي نموني سزا ڏيندو.....!!

ڪتاب منجهان آواز آيو: ”تون ڪتاب سان ٻن قسمن جون چالاڪيون ڪري سگهين ٿو،“ مون غور سان پيلي رنگ جي پني کي ڏٺو، سم جي ڪري ان جي ڪنڊ تي نشان هئا، پانيم ڪو منهنجو ذهن پڙهي رهيو آهي، دل تيزي سان ڌڙڪڻ لڳو.
”هڪ چالاڪي:“ ٻيهر آواز آيو ته غور سان ٻڌڻ لڳس: ”اها ته تون وچان وچان پنا اٿلائيندو وڃي ۽ ٻئي اها ته تون جلدبازي ۾ آخري صفحي تي هليو وڃئين، انهن ٻنهي صورتن ۾ توکي سزا ڏني ويندي، ان ڪري ڪتاب جي هر ڳالهه غور ۽ صبر سان ٻڌ. جئين ته تون ڪتاب کولي چڪو آهين، ان ڪري هاڻي تنهنجي ڪا به مرضي نه هلندي.“
اسٽور روم ۾ خاموشي ڇائنجي وئي ته آئون پريشاني منجهان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳس، ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو، لڱ ٿڙڪڻ لڳا، ڏڪندي ڏڪندي پيلو پنو ورايم ته آواز آيو:
”ان کان اڳ جو توکي ڪا ڄاڻ ڏجي، اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته جيڪڏهن تون اهو پيو سوچين ته تو هي ڪتاب چو ڪنيو...... ته پوءِ مونکي چٽو پوندو تون غلط پيو سوچين، ڪڏهن به پڙهندڙ ڪتاب جي چونڊ نه ڪندو آهي، هميشه ڪتاب پنهنجي پڙهندڙ جي چونڊ ڪندو آهي. انڪري آئون چوندس ته مون تنهنجي چونڊ ڪئي آهي. هاڻي تنهنجي ذهن ۾ اهو سوال ايندو ته تنهنجي ئي چونڊ چو ڪئي وئي آهي؟؟
ان جو سولن لفظن ۾ جواب آهي ته تون ان شهر، جنهن کي اڄ موهن جو دڙو سڏيو وڃي ٿو جي رهواسين، يعنيٰ سنڌين جو تسلسل آهن ۽ توکي ان تي فخر هجڻ گهرجي، سنڌ ڌرتي امن جي ڌرتي رهي آهي، اهڙي ريت ست هزار سالن کان سنڌي قوم امن جي پيامبر رهي آهي، شايد انهيءَ ڪري بربادي جون قوتون سپ کان پهريان سنڌ تي حملو ڪنديون آهن، هن ڌرتيءَ جو امن سندن سينن ۾ تير جيان چڀندو آهي......“ وري خاموشي ٿي وئي ته مون پنو ورايو:
”هزارين سال اڳ جا سنڌي، علم ۽ ادب ۾ هر قوم ۽ نسل کان اڳتي هئا، هنن دنيا جي ڀلائي لاءِ ايجادون ڪيون، ٻوليءَ جي خفاظت لاءِ صورتخطي جوڙي، پر جئين ته امن ۽ بربادي‍ءَ جو جنم هڪ ئي وقت ٿيو آهي، (جنم يا ارتقا، اهو هڪ الڳ بحث آهي، جيڪو 19 صديءَ جي هڪ سائنسدان چارلس ڊارون جي ارتقائي نظريئي ڪانپوءِ دنيا ۾ ويتر ڏقير وجهي ويو) ان ڪري بربادي جون قوتون سرگرم ٿي ويون آهن. ڊارون جي نظريئي بربادي‍ءَ جي قوتن کي ويتر طاقتور ڪري ڇڏيو، هنن ان جي مدد سان اهڙا وائرس ناهي ڇڏيا، جن سان انساني ذهنن کي قابو ڪري ٿي سگهجو. 20 صديءِ جي شروعات ۾

آمريڪا جي هڪ شهر ۾ انساني رت منجهان هڪ اهڙو جراسم پيدا ڪيو ويو، جيڪو جسم ۾ داخل ٿيڻ سان انسان کي آدمخور ڪري ڇڏيندو هو ۽ اهڙي جراسم واري شخص کي انساني رت ڪانسواءِ ٻئي ڪابه شيءَ نه وڻندي هئي، اهڙي انسانن کي ويمپائر سڏيو ويو، هو رات جي اونداهي ۾ شڪار ڪرڻ نڪرندا هئا. پوءِ ابراهيم لنڪن نالي هڪ شخص پيدا ٿيو، هي هاري جو پٽ هو، ڊگهو قد، چوڙو سينو، هڪ رات ٻني ۾ ڪم ٿي ڪيائين جو ٻن ويمپائرن هن تي حملو ڪيو، هن بهادري سان انهن ٻنهي ويمپائرن کي ماري مات ڪيو ۽ عزم ڪيائين ته آمريڪي ڌرتيءَ کي اهڙن وحشين کان پاڪ صاف ڪندو، پنهنجي ڪارنامن جي ڪري هو آمريڪي صدر پڻ ٿيو. پر بربادي‌ءَ جي طاقتن هار نه مڃني ۽ اهڙا جراسم پيدا ڪري ورتن جن سان هڪڙيون قومون ٻين قومن تي حملو ڪري قتل ۽ ڦرلٽ ڪرڻ لڳيون، 20 صدي دوران اهي جراسم ايترا ته طاقتور ٿي ويا، جو انسانن کي ٻن عظيم جنگن کي منهن ڏيڻو پيو.
ڇا تو هٽلر ۽ مسلوني جا نالا ٻڌا آهن..... اهي بربادي‌ءَ جي طاقتن جا ايجنٽ هئا. سندن ذهنن کي اهڙي نموني قابو ڪيو ويو جو هٽلر 60 لک يهودين کي زنده ساڙي ڇڏيو، آمريڪا جاپان تي ايٽم بم ڪرائي ٻه شهر تباهه ڪري ڇڏيا. ان سڀ دوران امن جي طاقتن همت نه هاري ۽ اهڙا اتحاد قائم ڪيا جن اهو واعدو ڪيو ته هاڻي ڪابه قوم ڪنهن ٻئي قوم تي قبضو نه ڪندي. فوجن هٿيار اڇلايا. اها ڳالهه امن مخالف قوتن کي نه وڻي ۽ هنن وري اهڙا وائرس ناهڻ شروع ڪيا جن سان تباهي ۽ بربادي پکيڙي سگهجي. هن پيري هنن شيشي منجهان اهڙا مچر ۽ جيت پيدا ڪري ورتا جيڪي انساني جسم ۾ داخل ٿي ان جي قوت برداشت واري نظام کي تباهه ڪرڻ لڳا، جنهن سان هڪ ئي وقت انسان کي ڪيتريون ئي بيماريون لڳي ٿي ويون ۽ اهي بيماريون ٻين انسانن ۾ پڻ منتقل ٿي ٿئي سگهيون، اهڙي وائرس کي ايڊس جو نالو ڏنو ويو، اهڙي نموني ٻيا به ڪيترا ئي وائرس ڇڏيا ويا جنهن سان دنيا ۾ بک ۽ بدحالي پکڙجي وئي.

هڪ ڀيرو ٻيهر بربادي‌ءَ جون ظالم قوتون گڏ ٿي رهيون آهن، هتان نڪري پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃ ۽ دري کولي آسمان ۾ نيهار.“ آواز بند ٿي ويو، آئون ڪتاب هٿ ۾ پڪڙي اٿيس، ان خوف کان ته ڪٿي امي ڪتاب ڦري نه وٺي، ان کي ڪرسيءَ تي رکي اسٽور کان ٻاهر آيس. ڪمري ۾ اچي در بند ڪري اپر طرف ڪلنڊڙ دري، جيڪا باٿروم جي در کان ڪجهه پريري آهي جو ناسي پردو هٽائي تاڪ کولي آسمان ڏانهن ڏٺم،

حيرت جي ڪابہ حد نہ رهي، منجهند جي وقت بہ ڪراچي جو سمورو آسمان اونداهو نظر آيو، ڪارا ڪڪر هئا ۽ پوءِ سلٽي رنگ جي عجيب مخلوق ڏسڻ ۾ آئي جن جون اکيون سائيون ۽ ٻٽڻ جهڙيون هيون، نک جي جاءِ تي ٽڪندو سواخ هون، ڪنڌ جي پٺئين حصي ۾ هڪ ٿلهي تار لڳل، جيڪا سندن مٿي کي جسم جي ٻين حصن سان جوڙي رهي هئي، باقي جسم سلٽي رنگ جي پوشاڪ سان ڍڪيل، ڪين هٿن ۾ واڱڻائي رنگ جا ڏنڊا پڻ هئا. سندن انگ ڳيٽپ کان ٻاهر هو. هو تيزي سان ڌرتيءَ طرف وڌي رهيا هئا، مون تي خوف طاري ٿي ويو ۽ هڪدم دري بند ڪري ڇڏيم، بت ۾ رڦٽي شروع ٿي وئي، ڪجهہ پل بيڊ تي ويهي پاڻ تي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، بيڊ تان اٿي ٻاهر نڪتس تہ امي جي نظر پئي، هوءَ ٽيبل تي ماني رکي رهي هئي.

”راند تي وجڻ کان اڳ ماني کائي وٺ،“ امي چيو.

”جي امي،“ مون جواب ڏنو، ائين لڳو ڄڻ لفظ منهنجي نڙي ۾ اٽڪي پيا آهن. امي ڪرسيءَ تي ويهي ماني کڻڻ لڳي. اميءَ پليٽ ۾ مرغي جو ٻوڙ ۽ ماني ڪڍي ڏني تہ ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ کائڻ لڳس، امي گرهہ چٻاڙيندي چڙٻ ڏني:

”ڪهڙي تڪڙي لڳي اٿئي، آرام سان ماني کاءُ؟“

”امي:“ مون تجسس منجهان چيو: ”اڄ آسمان ڏٺو اٿئي؟“ امي غور سان منهنجي منهن ۾ تڪيو، ائين لڳو ڄڻ ڪيس منهنجي عجيب ڪتاب کولڻ واري راز جي خبر هجي.... امي ڪوبہ جواب نہ ڏنو تہ آئون خاموشيءَ سان ماني کائڻ لڳس.

امي سندس ڪمري وئي تہ آئون بنا آواز ڪئي هوريان هوريان پٻن تي هلندو اسٽور ۾ آيس ۽ وري فرش تي ويهي ڪتاب کوليم، آواز آيو:

”امن جو پيغام وري سنڌ منجهان ئي ايرندو، هي ڌرتي دنياوي امن جي حفاظت ڪندي، هتي تنهنجي لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ تنهنجو پيءُ امن جي رکوالي جو اهم ڪمانڊر هو، جنهن کي بربادي جي قوتن دوکي سان قتل ڪرائي ڇڏيو، تنهنجي پيءُ ڪمانڊر يوسف هڪ اهڙي لڪل سماج جو بنياد وڌو، جنهن جو ڪم سائنسي ايجادن وسيلي دنياوي امن کي بحال ڪرڻ آهي. هن لڪل سماج جينيٽڪ انجنئرنگ تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. هي ڪتاب پڻ ڪمانڊر يوسف جي سائنسي ايجاد آهي، هن جو هڪ نسخو لڪل سماج جي هر ميمبر جي گهر ۾ رکيل آهي.

هنن اهڙا فارمولا ڏيڻ شروع ڪيا جن سان اناج جي اضافي پيداوار ڪري سگهجي، اهڙيون مشينون ايجاد ڪيون جيڪي هٽرادو برساتون وسائي سگهن، سنڌ جي ٿر سميت

آفريڪي علائقن تائين هٽرادو برساتن لاءِ مشينون ايجاد ڪرڻ ۾ لڳي ويا ته جئين اهڙن علائقن منجهان ڏڪار ختم ٿي وڃي. ٻي طرف بربادي جون طاقتون هر 20 سالن ۾ هڪ اهڙو وائرس ايجاد ڪري وٺن ٿيون جنهن سان انساني زندگي خطري ۾ پئجيو وڃي. انهن قوتن جو رڳو هڪڙو ئي مقصد آهي ته دنيا جي گولي تي قبضو ڪري هر جيوت کي غلام بڻائن.

ڪمانڊر يوسف انسان توڙي جانورن جي واڌ ۾ تيزي سان اضافي لاءِ ڪلونگ جو پراجيڪٽ ڪنيو ته جئين پيداوار جنسي عمل ڪانسواءِ ٻئي طريقي سان به ٿي سگهي. پر ڌرتي تي هر وقت بربادي جي طاقتن جا ايجنٽ موجود رهيا آهن، هنن دوکي سان ڪمانڊر يوسف کي قتل ڪيو ۽ ڪلونگ وارو فارمولو پاڻ سان کڻي ويا، هو تيزي سان پنهنجو انگ وڌائي رهيا آهن. آسمان تي ڪاراڻ جو اهو مطلب آهي ته هاڻي هو گهڻائي ۾ ٿي چڪا آهن، سندن مقصد ڌرتيءَ تي لهي امن لاءِ ڪم ڪندڙن کي ڳولهي ڳولهي مارڻ آهي، جيڪڏهن هو ان ۾ ڪامياب ويا ته هي دنيا برباد ٿي ويندي. امن جي لڪل سماج جون ڪيتريون ئي گڏجاڻيون ٿي چڪيون آهن. جئين ته موهن جي دڙي ڪاڻ وٺي سنڌي ئي امن جون ذميواريون کڻندا پيا اچن، انڪري امن جي لڪل سماج جو هيڊ ڪائوٽر به سنڌ کي ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ مختلف قومن جا مرد، عورتون ۽ نوجوان دنياوي امن کي بحال رکڻ جون رٿائون جوڙيندا آهن، بربادي جي طاقتن جي ڇڏيل بيمارين تي قابو ڪرڻ لاءِ مختلف دوائون ايجاد ڪندا آهن، سندن وڏ ڪان وڏ ڪوشش اها رهي آهي ته هو اهڙيون ايجادون ڪن جن سان انساني زندگي پرسڪون ٿي سگهي."

هڪ ڀيرو ٻيهر اسٽور ۾ خاموشي ڇائنجي وئي، مون پنو ورايو ته وري آواز آيو:

"ڪمانڊر يوسف هڪ ايلڪٽرو ميگنيٽڪ پين به ايجاد ڪئي، هي پين به ڪتاب جيان هر ان شخص وٽ آهي، جيڪو امن جي هن لڪل سماج جو حصو آهي." وري خاموشي اچي وئي، مون ڪتاب بند ڪري هيٺ رکيو ۽ ان پين جي ڳولها ۾ لڳي ويس، اسٽور روم جو سامان هيٺ مٿي ڪري ڇڏيم، هڪ ڪارو دٻو مليو، ان کي کوليم ته ان ۾ هڪ چمڪندڙ پين نظر آئي. ان ۾ اڇو، سائو، پيلو، نيرو ۽ ڳاڙهو پاڻياٺي مادو پڻ هو. مون ڍڪڻ لوڏيو ته پين منجهان هڪ ڳاڙهي ليزر بيم نڪتي، هڪدم هٿ هٽايم ته روشني گم ٿي وئي. تڪڙ ۾ گوڏن ڀر ويهي وري ڪتاب کوليم:

”هن پين جي روشني جيڪڏهن ڪنهن پٽ، در يا دري تي هٽبي ته ان ورشنيءَ منجهان شڪلون نهنديون، جيڪي امن جي لڪل سماج جا ڳجها پيغام آهن، شڪلن جو تسلسل ٻه موهن جو دڙو جي دور ڪان هلندو اچي.
افنان هاڻي تنهنجي ڪلهن تي قلم جي ذميواري اچي وئي آهي، اهو توکي لڪل سماج تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪندو، جتي توکي ڪتاب جي بقيا حصن جي ڄاڻ ملندي.“ آواز بند ٿي ويو ته مون هڪ پيرو هڻ ۾ جهليل پين کي غور سان ڏٺو، پوءِ ڪتاب ٻين ڪتابن مٿان رکي، پين جو ڍڪڻ لوڏي ان جو اڳيون حصو اسٽور روم جي پٽ ڏانهن ڪيو، ان منجهان نڪرندڙ ڳاڙهي روشني پٽ سان ٽڪرائي ته هڪ شڪل آئي، اهو ڪو ٻتو هو جنهن جون ٻئي ٻانهون هوا ڦهليل، ٽنگون پڻ ائين ئي ڦهليل، جڏهن ته مٿي تي ڪا شيءَ رکيل، مون حيرت منجهان عڪس کي ڏٺو، سمجهه ۾ نه آيو ته هي ڇا آهي، ڪجهه گهڙيون ان عڪس بابت سوچيندو رهيس.
پين پينٽ جي کيسي ۾ رکي آئون اسٽور روم ڪان ٻاهر نڪري آيس، اوچتو اميءَ جي ڪمري ڏانهن نظر وئي، در جي هيٺان وٽي منجهان هيڊي روشني نظر آئي، هڪ پل ۾ روشني غائب ٿي وئي، منهنجو وات ڦاٽي ويو، اڪيون مهٽي وري در هيٺان ڏٺم، روشني نه هئي، تجسس ۾ ڪمري جو در کولي اندر آيس، ڪمرو معمول ڪان وڌيڪ ٿڌو هو، جهٽ ۾ بتي ٻاريم، روشني ٿي وئي، اميءَ جي ڪاٺ واري ڪپڙن جي الماڙيءَ جا ٻئي تاڪ کليل نظر آيا، هينگرن ۾ ٽنگيل ڪجهه وڳا ساڄي ته ڪجهه کاٻي پاسي هئا، جڏهن ته اتي هڪ ٻيو در نظر آيو، ويتر حيراني وڌي وئي، اهو در مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هو، الماڙي ڏانهن وڌيس ۽ ڏڪندي ڏڪندي اهو ڳجهو در کوليم. ان ۾ شيشي جي نهيل اها ئي مشين هئي جنهن جو عڪس مون اسٽور روم جي پٽ تي پين ذريعي ڏٺو هو، پاسي کان ٻه سلٽي بٽڻ لڳا هئا، جن تي هيٺ ۽ مٿي ويندڙ تير جو نشان هو. بنا سوچي ئي آئون ان مشين ۾ بيٺس، جسم ۾ ٿڌاڻ محسوس ٿي، هيٺ ويندڙ بٽڻ دٻائي ٻئي ٻانهون ۽ ٽنگون مشين موجب پکيڙيم. شيشي ۾ هيڊي روشني پيدا ٿي ۽ پوءِ مشين لڏڻ شروع ڪيو، منهنجي دل جو ڌڙڪو تيز ٿي ويو، خوف ۾ اکيون بند ڪري ڇڏيم.

# 2

مشين کي جهٽڪو آيو ته اکيون کوليم، ائين لڳو ڄڻ ڪنهن جبل جي وچ ۾ آهيان، شيشي ٻاهران پٿر، مٽي ۽ وڻن جون پاڙون ظاهر ٿيڻ لڳيون، ڪيترن ئي قسمن جا نانگ ۽ جيت پڻ ڏسڻ ۾ آيا، مشين هلندي رهي...... نيٺ هڪ ٿهه تي اچي بيٺي ته پاٽمرادو شيشو کلي ويو، مون ٻاهر زمين تي پير رکيو، سامهون هڪ اونهي غار نظر آئي، ڊڄندو ڊڄندو ان ۾ اندر وڃڻ لڳس. ڪجهه پرپرو هليو هوندس جو سامهون کان روشني ظاهر ٿي آئون ان طرف وڌي آيس، هاڻي آئون ٻن خوبصورت باغن جي وچ ڏامر جي صاف سٿري رستي تي ٿي هليس. اوچتو هڪ شخص جنهن کي ناسي رنگ جو جبهو پهريل ۽ مٿي تي گول ناسي ٽوپي، منهنجي پاسي کان تکڙن قدمن سان هلندو ويو، آئون ان اڻڄاڻ شخص پنيان تکڙن قدمن سان هلڻ لڳس، رستي تي اسان ڪانسواءِ ٻيو ڪير نه هو. هڪدم مٿي نظر وئي ته آسمان ۾ اڏامندڙ هڪ ڳاڙهي رنگ جي گاڏي نظر آئي، اها ڪا ايتري مٿي نه هئي، ان ۾ ويٺل شخص کي به ناسي رنگ جو جهبو ۽ اکين تائين ايندڙ گول ناسي هيلمٽ پهريل هئي. ڪجهه پرپرو هليس ته منهنجي سامهون شيشي جي عمارتن وارو صاف سٿرو شهر هو، هر طرف وڏيون خوبصورت عمارتون، باغ باغيچا، وڻ ٻوٽا، ساوڪ، هوا ۾ اڏمندڙ گاڏيون، ائين لڳو ڄڻ آئون ڪنهن ٻئي دنيا ۾ پهچي ويو آهيان. رستي تي هلندڙ شخص هڪ خوبصورت اوچي عمارت ڏانهن مڙيو، آئون پڄندو هن پنيان لڳس. هوا ۾ اڏامندڙ رنگ برنگي گاڏيون هڪ وڏي ميدان تي هيٺ لٿيون، انهن ۾ سوار ماڻهو به لهي ان عمارت ڏانهن وڌڻ لڳا، نه ڪو ڪنهن سان مليو، نه ئي وري ڪنهن ٻئي سان هٿ ملايو. وڏي ميدان تي ويهه کن گاڏيون بيٺيون هيون، آئون جئين عمارت اندر شيشي جي فرش تي بيٺس ته هر طرف کان سائرن وڄڻ شروع ٿي ويا، آئون ڇرڪجي ويس، هڪدو ورن وڪڙن وارو در کليو ۽ هڪ روبوٽ مون ڏانهن وڌڻ لڳو، آئون ويتر ڊڄي ويس ۽ پڄڻ لڳس جو شيشي جي فرش تي ترڪي وڃي در سان لڳس، ايتري ۾ روبوٽ بلڪل منهنجي مٿان اچي بيٺو، خوف منهنجي اکين منجهان جهمريون پائڻ لڳو، روبوٽ مٿي کان پيٽ تائين چورس هو، جڏهن ته لوهه جا هٿ پير انسانن جهڙا هيس. هن جي پيٽ واري حصي م روشني ٿي ۽ سنڌي ۾ لکجي آيو:

”مهرباني ڪري روبوٽ جي اک واري حصي ۾ پنهنجي پين وجهو، مون چورس منهن ڏانهن ڏٺو اکين ٻدران ٻه ڳڙڪا ڏسڻ ۾ آيا، هڪدم منهنجي پينٽ ڪي ڪيسي منجهان ٽين.... ٽين....ٽين.... جو آواز آيو. مون پين ڪڍي ورتي، جنهن ۾ نيري روشني پيدا ٿي چڪي هئي. پين روبوٽ جي ساڄي اک ۾ وڌم، ان منجهان هڪ اٽوٽندڙ آواز نڪتو، ٻئي هٿ ڪنن تي رکيم، ٻئي لمحي عمارت جي هر ڪنڊ منجهان آواز اچڻ لڳو:

”ڪمانڊر يوسف...... ڪمانڊر يوسف....... ڪمانڊر يوسف......“ شيشي جا سمورا اٺ ڪنڊا در هڪ ئي جهٽڪي سان کلي ويا، آئون قاتل وات سان هي سمورو منظر ڏسندو رهيس. فرسٽ فلور جي گيلري ڏانهن نظر وئي، ان ۾ 12 مرد ۽ 8 عورتون ٻينل ڏسڻ ۾ آيا. ڪاٻي پاسي ڪان ٽئين عورت امي هئي. مون حيرت منجهان امي ڪي ڏٺو.

”افنان....“ امي پريشاني منجهان منهنجو نالو ڪنيو. مرد ۽ عورتون تڪڙن قدمن سان لسن ڏاڪن تان هيٺ لهي آيا. 65 سالن جي هڪ سانورو مرد، جنهن جي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار ڪيهه جيان اڇا ۽ نرم هئا، اڳيان وڌيو ۽ پوڙهو ڏڪندڙ هٿ مون ڏانهن وڌائيندي مرڪي چيائين:

”يقين نٿو اچي ته 17 سالن ڪانپوءِ ڪمانڊر يوسف جو پٽ اسان جي سامهون بيٺو آهي، ائين پيو لڳي جڻ پاڻ ڪمانڊر يوسف واپس اچي ويو هجي، اهي ئي نقش، اهي ئي وار.....“ ان ڪانپوءِ امي ڪي ڇڏي سڀ مرد توڙي عورتون مونسان هٿ ملائڻ لڳا، سندن چهرن تي پرسڪون مرڪ هئي. جنهن بعد هو مونکي پاڻ سان گڏ ڪري فرسٽ فلور تي ميٽنگ هال ۾ وني آيا. هي هڪ وڏو بند هال هو، جنهن ۾ شيشي جي وڏي ميز ۽ ڪرسيون پيل، روشني گهٽ، شيشي جي ٻت تي وڏي اسڪرين لڳل، ان تي بربادي جي طاقتن جون سازشون فلمي صورت ۾ تي هليون، پرئين ڪنڊ ۾ هڪ ليپ ٽاپ رکيل جيڪو پاڻمرادو آپريٽ ٿي ٿيو.

ان پوڙهي، جنهن جو نالو ڊاڪٽر شيام هو ۽ جيڪو امن جي لڪل سماج جو جنرل پڻ هو، مونکي پنهنجي پاسي ڪان ويهاريو ۽ پوءِ حڪم ڏيندي چيائين:

”ڊاڪٽر يارڪ اوهان پنهنجي ڳالهه جاري رکو.“ ساڄي پاسي ڪان 40 يا 45 سالن جو هڪ گنجو شخص، جنهنجي ٽڪڻ چمڪي ٿي، رنگ جو اڇو، ويڪرو سينو ۽ پريل ڏورا هوس، اٿي بيٺو، ڪيس ڪاري رنگ جو ٿو پيس سوٽ پهريل، ساڄي هٿ جي وچئين آڱر ۾ سوني جو ڇولو، تيز ڳاڙهي رنگ جي ٽاءِ ڪي سڌو ڪري ڪنگهي انگريزي ۾ ڳالهائڻ

شروع ڪيائين ته هر ڪنهن ڪنن تي ڪاري هيڊفون پاتي، جئين سندس ڳالهه هنن جي مادري زبانن ۾ ترجمو ٿي سگهي، هن چيو:
”امن جي رکوالي ڪندڙ منهنجا عظيم ساٿيو، هن گڏجاڻي ۾ اوهان سڀني کي ڀليڪار،“ سڀني هاڪاري ۾ ڪنڌ لوڏيو، هن وري ڳالهايو:
”ڪجهه عرصي کان بربادي جي طاقتن وري هن ڌرتي جي امن خلاف سازشون ڪرڻ شروع ڪيون آهن ۽ اڄ اسان کي اهڙا اشارا مليا آهن جن منجهان پتو پئي ٿو ته ٻگنان نالي مخلوق، جيڪا اڄ کان پهرئين، پنهنجي ايجنٽن وسيلي هن ڌرتيءَ جو امن تباهه ڪندي آئي آهي، هاڻي ڪالاباب جي سربراهي ۾ اهو فيصلو ڪيو آهي ته زمين تي حملو ڪري وڏي پيماني تي تباهي مچائي، هتي ياد ڏياريندو هلان ته،“ هن وڏي اسڪرين ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته سڀني اسڪرين ڏانهن ڏٺو، مون پڻ اسڪرين ڏانهن ڏٺو، ان تي ڊائناسور جي دور جا ڏيک هلڻ لڳا، وڏا جانور پاڻ ۾ ئي ٿي وڙهيا. ڊاڪٽر پارڪ ڳالهايو:
”هزارين سال اڳ جڏهن هن ڌرتيءَ تي ڊئناسور رهندا هئا، ڪالاباب فوج سميت هنن تي حملو ڪري سندن نسل ختم ڪري ڇڏيو، هاڻي هو انساني نسل ختم ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن. اڄ منجهند 3:00 ۽ 4:00 لڳي جي وچ آسمان مڪمل ڪارو ٿي ويو ۽ ڪالاباب جي فوج ڌرتيءَ کان هاڻي رڳو خلا ۾ 56 لک ڪلوميٽر پري آهي. جنهن جو مطلب ايندڙ پنجن سالن اندر هو ڌرتيءَ ۾ داخل ٿي حملو ڪري وٺندا.“ هڪ لمحي لاءِ خاموشي ٿي وئي، اسڪرين تي پاڻمرادو تصوير مٽجي وئي، هن پيري وڏين اکين ۽ وڏين ڪنن واري ڪنهن شخص جي تصوير هئي، اهو شخص زنجيرن ۾ جڪڙيل هو. سندس بت تي هڪ به وار نه هو، منهنجي لاءِ وڏيڪ حيرت جي ڳالهه اها هئي ته ڪيس پرون ۽ پنبليون به نه هيون.
”به سال اڳ:“ ڊاڪٽر پارڪ ليزر لائيٽ سان تصوير ڏانهن اشارو ڪندي چيو: ”جڏهن اسان امن جي لڪل سماج وارن گڏجاڻي ڪئي هئي ته ان ۾ اسان ڪالاباب جي ايجنٽ زمرو جي گرفتاري جو ذڪر ڪيو هو، جنهن اهو انڪشاف ڪيو ته ڪالاباب ڌرتيءَ تي حملو ڪرڻ لاءِ فوج گڏ ڪري رهيو آهي. ان گڏجاڻي ۾ اسان اهو فيصلو ڪيو هو ته ڌرتيءَ جي حفاظت لاءِ خلا ۾ هڪ اهڙي چادر وڇائي وڃي، جنهنجي ڪري ڪابه ٻاهرين مخلوق ڌرتي ۾ داخل نه ٿي سگهي، ان ڪم جي ذميواري مون مٿان رکي وئي هئي، مون سموري دنيا جي سائنسدانن سان هنگامي بنيادن تي گڏجاڻيون ڪيون، جنهن ڪانپوءِ

اهو نيجو مليو تہ اسان ٽامي ۽ فائبر آپٽڪس کي ملائي هڪ اهڙو ڌاتو ناهي ڌرتي جي گولائي ۾ خلا اندر حفاظتي چادر وڇائي سگهون ٿا جنهن جي ڪري ڪا بہ ڌرتي کان ٻاهر جي مخلوق هن گولي ۾ داخل نہ ٿي سگهندي، ان ڳڻتيءَ جي ڇهن مهينن اندر مون لڪل سماج آڏو ان رٿا جي فزيبلٽي رپورٽ پڻ پيش ڪئي. جڏهن تہ ڊاڪٽر شيام مشورو ڏنو هو تہ جينٽڪس جي مدد سان اهڙا جيت تيار ڪيا وڃن، جيڪي انساني جسم تي ويهن تہ انسانن منجهان ويڙهہ ۽ تباهڪاري وارا جذبا ختم ٿي وڃن، جئين حفاظتي چادر ڪانپوءِ انسان پاڻ ويڙهي تباهہ نہ ٿين، اها رٿا پڻ منهنجي حوالي ڪئي وئي. هنن ٻنهي رٿائن تي تيزي سان ڪم هلي رهيو آهي ۽ انهن کي پورو ٿيڻ ۾ اجا بہ ڏهہ سالن جو وقت لڳي ويندو، يعنيٰ ڪالاباب جي فوجن جي ڌرتيءَ ۾ داخل ٿيڻ کان ٻيڻو عرصو. جيڪڏهن هڪ ڀيرو ڪالاباب جي فوج ڌرتي ۾ داخل ٿي وئي تہ ان کي روڪڻ ناممڪن ٿي ويندو." ڊاڪٽر يارڪ ڳالهائڻ بس ڪري سيٽ تي ويهي رهيو، هال ۾ سس ڦس شروع ٿي وئي.

"ان جو مطلب اهو آهي؛" ڊاڪٽر شيام بنا اٿئي ئي ڳالهايو، سس ڦس ختم ٿي وئي ۽ سڀ ڪيس غور سان ٻڌڻ لڳا: "ڪالاباب جي فوج کي خلا ۾ ختم ڪرڻ لاءِ اسان بہ امن لاءِ اتحاد ڪري پنهنجي فورس جوڙيون." هال ۾ هڪ پل لاءِ خاموشي اڇي وئي. ڊاڪٽر شيام وري ڳالهايو:

"جئين تہ ڪمانڊر يوسف اسان کي فوج ناهڻ جو هڪ بهترين فارمولو ڏنو هو، جنهن ۾ 16 سالن کان 20 سالن تائين جا نوجوان سپاهي ڀرتي ڪرڻ جو ذڪر آهي، جئين خلا جي تائيم ۽ ڌرتيءَ جي تائيم واري فرق ۾ اسان جي فوج جي همت ۽ ويڙهہ جي سگهہ ڇڏائجي نہ وڃي، پر افسوس جو امن لاءِ وڙهندڙ اهڙي ڪابہ فورس اسان نہ جوڙي سگهيا آهيون، اسان اڳ بہ ڪيترائي ڀيرا ڪوشش ڪري چڪا آهيون، پر هر ڀيري ڪالاباب جا ايجنٽ ڪنهن نہ ڪنهن نموني ان فوج ۾ ڀرتي ٿي اسان کي نقصان رسائيندا رهيا آهن. جنهن ڪانپوءِ اسان اهو فيصلو ڪيو هو تہ امن فورس ناهڻ بدران اسان ڪالاباب کي پنهنجي ذهن، علم، ڏاهپ ۽ سائنسي ايجادن سان شڪست ڏينداسين، عدم تشدت کان بهترين هٿيار ٻيو ڪوبہ نہ آهي. پر چالاڪ ڪالاباب زبردستي اسان تي جنگ مڙهي رهيو آهي ۽ اها پڻ حقيقت آهي تہ امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن وڙهڻو پوندو آهي. اسان وٽ اڍائي سالن جو وقت آهي تہ هڪ اهڙي امن فورس تيار ڪريون

جيڪا خلا ۾ وچي ڌرتيءَ جي سرحدن جي حفاظت ڪري.“ ڊاڪٽر شيام ڳالهائڻ بس ڪيو.
”پر.“ اميءَ اعتراض ڪندي ڳالهايو: ”هڪ ڀيرو جيڪڏهن اها تيهه اچي وئي ته امن فورس خلا منجهان ڌرتيءَ ۾ ڪئين داخل ٿيندي؟“ امي جو سوال وزنائتو هو. ڊاڪٽر شيام ڪجهه گهڙيون سوچڻ ڪانپوءِ چيو:
”امن فورس جو اهو ئي مشن هوندو ته هو جلد کان جلد ڪالاباب ۽ سندس فوج کي شڪست ڏئي موٽي اچن، جيڪڏهن اهو نه ٿيو ته ڏاتو جي تيهه اچڻ ڪانپوءِ سو سالن تائين ڪابه ٻاهرين شيءَ زمين ۾ داخل نه ٿي سگهندي، ان ڏاتو ۾ اهڙي توانائي رکي ويندي جيڪڏهن ڌرتيءَ جي ٻاهران ڪابه شيءَ ان جي ويجهي آئي ته تباهه ٿي ويندي، ها باقي سج جي روشني ان جي آر پار اچي سگهندي.“ ان ڪانپوءِ ڪنهن به نه ڳالهايو، ٻن منٽن ڪانپوءِ پٽ ۾ لڳل شيشي جا ٻه در کلي ويا ۽ هڪ ڪيٻن ظاهر ٿيو. ڊاڪٽر شيام نرم لهجي ۾ ڳالهيو:
”اوهان سيني کي گذارش آهي ته هن فورس لاءِ پنهنجا رايا امن ڪتاب ۾ درج ڪريو، جئين امن جو هي لڪل سماج ان تي عملي قدم کڻي سگهي.“ سيني کان پهرئين 55 سالن جي ٿلهي متاري ڪاري چمڙيءَ واري عورت، جنهن جا گهنڊي وار مردن جيان ڪٽيل هئا اٺي ان ڪيٻن ڏانهن وئي، جئين ئي ان ۾ بيٺي ته شيشي جا در پاڻمرادو بند ٿي ويا. 30 سڪنڊن ڪانپوءِ وري در کليو اها عورت ٻاهر آئي، ان جي پاسي ۾ وينل ڳاڙهن وارن ۽ نيرين اکين واري سنهڙي عورت اٺي ڪيٻن ڏانهن وئي، ان ڪانپوءِ امي ڪيٻن ڏانهن وئي. ائين هڪ هڪ ڪري سيئي ڪيٻن ۾ ويا ۽ موٽي آيا. ڊاڪٽر شيام ساڄو هٿ ڪاٻي تي مهٽيندي چيو:
”اسان هي هنگامي اجلاس ختم ٿيا ڪريون، ڊاڪٽر يارڪ کي هيدايت ڪجي ٿي ته هو ٻئي رٿائون جلد کان جلد پورو ڪري.“ گنجي ڊاڪٽر يارڪ هاڪاري ۾ ڪنڌ لوڏيو.
”جڏهن ته هيبا يوسف تي اها ذميواري رکجي ٿي ته هوءَ امن فورس تيار ڪري،“ ڊاڪٽر شيام چيو. اهو ٻڌي مون حيرت منجهان اميءَ کي ڏٺو، هن مرڪي هاڪاري ۾ ڪنڌ لوڏيو.
”اوهان سيني جي وڏي مهرباني،“ ڊاڪٽر شيام چيو. شيشي جي وڏي ٽيبل پاڻمرادو ٻه اڌ ٿي وئي ۽ ناسي جبها هوا ۾ اڏامڻ لڳا. هر ڪنهن پنهنجو پنهنجو جبهو پاتو ۽ هال کان ٻاهر نڪرڻ لڳو. آئون خاموشي سان اميءَ پنيان هلندو عمارت کان ٻاهر آيس، ڊاڪٽر

شيام، ڊاڪٽر يارڪ ۽ ڪجهه ٻيا گاڏين طرف وڌيا. اسان روڊ تي هلڻ لڳاسين، مون وري گاڏين کي اڏامندي ڏٺو، منهنجي دل هر هر اهو ئي خوف تي آيو ته گهر پهچي امي ماري چڏيندي، اسان وري انهيءَ مشين وٽ آياسين، اسان الڳ مشينن ۾ ويٺاسين. هن پيري مون مٿي ويندڙ تير دٻايو، پيلي روشني سان مشين چالو ٿي وئي ۽ تيزي سان مٿي وڃڻ لڳي، آئون وري امي جي ڪپڙن واري الماڙي ۾ اچي پهتس. اميءَ مونکي ڪجهه به نه چيو. اها سڄي رات مون امن فورس بابت سوچيندي گذاري، هر هر اهو ئي خيال ٿي آيو جيڪر آئون امن فورس جو ڪمانڊر ٿي وڃا، انهن خيالن ۾ ننڊ اچي وئي.

# 3

امي کي امن فورس جوڙيندي جوڙيندي ٻه سال لڳي ويا. امن فورس کي ٻن ريجمنٽن ۾ ورهايو ويو، هڪ موهن جو دڙو ريجمنٽ (سنڌ جي قديم شهر جي نالي پٺيان) ٻئي رني ڪوٽ ريجمنٽ (هي به سنڌ جو هزارين سال پوراڻو ڪوٽ آهي، جيڪو سن شهر وٽ آهي). امن فورس جون 35 اسپيس شپون خلا ۾ وڃڻيون هيون، موهن جو دڙو امن فورس ريجمنٽ جي ڪمانڊر امي پاڻ ٿي، جڏهن ته رني ڪوٽ امن فورس ريجمنٽ جي سربراهه ميڊم اڇبا هئي، هوءَ اها ئي نيرين اکين واري سنهڙي سپڪڙي عورت هئي، جنهن کي مون ميٽنگ دوران ڏٺو هو. هاڻي آئون 19 سالن جو ٿي چڪو هوس، مونکي رني ڪوٽ امن فورس ريجمنٽ ۾ رکيو ويو. هر ڪنهن کي هڪ ايلڪٽرو ميگنٽڪ پين، ويڙهه لاءِ ليزر راڊ ۽ سيلٽي بيلٽ ڏنو ويو، اسان کي ڪالاباب ۽ ان جي فوج کي پنج سالن ۾ شڪست ڏئي ڌرتيءَ تي موٽڻو هو. اي آءِ ڪي 600000_قاف اسپيس شپ ۾ مون سميت 50 ڄڻا هئا، اسان خلا ۾ اڏام لاءِ تيار هئاسين. موهن جو دڙو امن ريجمنٽ اڳ واٽ ئي اڏام ڀري چڪي هئي. هر اسپيس شپ ڪمپيوٽر پروگرام ذريعي هيڊ ڪائوٽر سان رابطي ۾ هئي. آئون اسپيس شپ جي آرامده ڪرسيءَ تي ويٺو هيس جو ڪنٽورل روم منجهان آواز آيو:

”پنهنجي مٿي تي هيلمٽ پايو،“ مون سامهون پيل چاندي جو هيلمٽ ڪڍي مٿي تي رکيو، وري ٻيو آواز آيو:

”اسان اڏام ڀرڻ لاءِ تيار آهيون، 5....4....3....2.......1....“ ۽ پوءِ هڪ جهٽڪو آيو، جنهن بعد اسپيس شپ اڏام ڀري. جيئن اسان زمين جي حد ٿوري ٻاهر نڪتاسين ته ننڍڙين درين منجهان وڏن ڪارن ۽ ناسي پٿرن، لوهه، تارن وغيره کي هوا ۾ اڏامندي ڏٺو.

لڳ ڀڳ ڇهه مهينن جي اڏام ڪانپوءِ اسان کي ٻڌايو ويو ته ايندڙ ڇهن يا انن مهينن ۾ موهن جو دڙو امن ريجمنٽ ٽارگيٽ جي رينج ۾ هوندي ۽ ڪنهن به وقت جنگ شروع ٿي ويندي.

اسپيس شپ تي مونسان گڏ واري سيٽ تي ميڊم اڇبا جي 19 سالن جي وڏين نيرين اکين واري ڌيءَ وينل هئي، پهريان ڪجهه ڏينهن هوءَ نخرا ڏيکاريندي رهي، پر پوءِ اسان

دوست ٿي وياسين، گڏ مستي مذاق ۽ ڪل ٻوڳ ڪرڻ لڳاسين. سندس نالو جيسمين آهي ۽ چيلھ جيڏن ڳاڙھن وارن ڪي جھٽڪي سان پنيان ڪرڻ جي عادت اٿس. ھوءَ جيوميٽري، فزڪس ۽ ڪيمسٽري ۾ ماھر آھي ۽ اڪثر اسان ڪي ڪاڊريٽڪ ايڪويشن ۾ موجھائيندي رھندي آھي.

اسپيس شپ جي وڏي حصي مٿان ھڪ اسڪرين لڳل آھي، اوچتو اسڪرين جھٽڪي سان روشن ٿي ۽ ان منجھان اميءَ جو مرڪندڙ چھرو ظاھر ٿيڻ لڳو، مون غور سان اسڪرين ڏانھن ڏٺو، سيني جو ڌيان اسڪرين ڏانھن ڇڪجي ويو. امي نرم لھجي ۾ ڳالھايو:

”اسان دشمن جي تمام ويجھو پھچي چڪا آھيون ۽ جلد ئي حملو ڪري ڏينداسين، امن فورس جي ھر سپاھي کي ھاڻي ڪان ڏکين حالتن لاءِ تيار رھڻو پوندو، موھن جو دڙو امن ريجمنٽ جلدي اوھان سيني کي خوشخبري ٻڌائيندي، ايتري ۾ ٻاھران ڪان ھڪ وڏو ٺڪاءُ ٿيو ۽ اسڪرين بند ٿي وئي. رني ڪوٽ امن ريجمنٽن جي سيني اسپيس شپن تي سائرن وڄڻ لڳا، جيڪو ان ڳالھ جي اطلاع ھو تہ ڪالاباب ۽ سندس فوج سان باقائدا جنگ شروع ٿي چڪي آھي. خلا ۾ ھر طرف سائيون ۽ ڳاڙھيون ليزر بيمون ھلڻ لڳيون، ٻنھي ريجمنٽن وٽ ڪاسمڪ اينرجي منجھان نھيل اڇي روشني جي ليزر بيم ھئي، جنھنجي ھڪ بيم دشمن جي چار شيٽلن کي اک ڇنڀ ۾ تباھ ٿي ڪري سگھي، پر ٻنھي ريجمنٽن وٽ ھي توانائي رڳو ھڪ ڪنسٽر جيتري ھئي. ان ڪري پھريان سائين ليزر بيمن سان حملو ڪيو ويو، جڏھن تہ دشمن موھن جو دڙو امن ريجمنٽ تي ڳاڙھيون ليزر بيمون وسائيندو رھيو. ليزر ھلڻ سبب خلا ۾ گرمي وڌڻ لڳي، جنھن جو اثر ڌرتي تي پڻ پيو.

ھڪ ڏينھن وري اسڪرين جھٽڪي سان کلي ۽ اميءَ جو چھرو ظاھر ٿيو، پر ھن ڀيري سندس چھري تي مرڪ بدران پريشانيءَ جا اثار نظر آيا. اميءَ ھوريان ڳالھايو:

”امن فورس جا سپاھيو، موھن جو دڙو امن ريجمنٽ دشمن جي وڏي نفريءَ کي تباھ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي آھي، ان کي تباھ ڪرڻ لاءِ اسان ليزرن سان گڏ ڪاسمڪ اينرجي جو پڻ استعمال ڪيو، جنھن جي ڪري ھاڻي اسان وٽ ڪاسمڪ اينرجي جو ذخيرو ختم ٿي چڪو آھي، اسان جي اطلاعن موجب دشمن جون باقي ڪجھ ئي اسپيس شٽلون بچيون آھن، جن کي بہ جلد ئي تباھ ڪري اسان ڌرتيءَ ڏانھن ورنداسين.“ اھو ٻڌي اسان سيني ڪوڪون ڪيون ۽ سيٽيون وڄايون.

”پر اوهان ڪي ڏک وچان اهو ٻڌائجي ٿو؛“ امي وري ڳالهايو ته خاموشي وئي: ”موهن جو دڙو امن فورس جون پنج شٽلون مڪمل تباهه ٿي چڪيون آهن. جڏهن......“ امي اجا اهو مس چيو جو سندس شٽل تي هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو، جنهن جي ڪري اسڪرين ڪاري ٿي وئي.

”امي.....“ مونکان اوچي رڙ نڪري وئي، من اندر جي اٿتڻ وڌڻ لڳي، اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون، هر هر اميءَ جي ياد اچڻ لڳي، ڪنهن به شيءَ ۾ دل نٿي لڳو، من ۾ آيو ته هي سڀ ڪجهه تباهه ڪري ڇڏيان، بيلٽ ۾ لڳل ليزر راڊ ڪيترا ئي ڀيرا ڪڍي وري رکي ڇڏي.

هڪ ڀيرو ٻيهر اسڪرين جهٽڪي سان کلي، سڀني جو ڌيان ان ڏانهن ويو. ان ڀيري اسڪرين تي اميءَ بدران ميڊم اڇبا جو چهرو ظاهر ٿيو، پريشانيءَ جي ڪري سندس چهرو هيڊو نظر آيو.

”آئون؛“ هن ڳيت ڏئي پريشاني لڪائيندي ڳالهايو: ”اڇبا سين رني ڪوٽ امن فورس ريجمنٽ جي ڪمانڊر، امن فورس جي سڀني سپاهين کي افسوس سان اها ڄاڻ ٿي ڏيان ته موهن جو دڙو امن ريجمنٽ دشمن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪاسمڪ اينرجي جو استعمال ڪيو، هي تمام طاقتور توانائي آهي جنهن جو حد کان وڌيڪ استعمال شين جي توازن کي بگاڙي ڇڏيندو آهي، ان ڪري اسان کي هن توانائي کي احتحاط سان استعمال ڪرڻ جون هدايتون مليل هيون، پر دشمن جي وڏي نفري کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪاسمڪ اينرجي جو استعمال ضروري ٿي پيو، دشمن ته ختم ٿي ويو پر ان جي ڪري خلا توڙي ڌرتيءَ ۾ اڻ برابري پيدا ٿي پئي. هيڊڪائوٽر کان زمين تي شديد قسمن جي زلزلن ۽ ٻوڏن جو اطلاع پڻ ملي رهيو آهي.“ ميڊم اڇبا ڳالهائڻ بس ڪري ڳيت ڏني.

”ڪجهه عرصو اڳ؛“ هن وري ڳالهايو: ”جڏهن امن فورس جي ڪمانڊر ميڊم هيبا يوسف اوهان سان خطاب تي ڪيو، ان دوران هڪ ڏاڍي وڏي ۽ مظبوط چپ سندن شٽل سان ٽڪرائي، جنهن جي ڪري اها شٽل مڪمل تباهه ٿي وئي ۽ ڪمانڊر هيبا يوسف سندس ساٿين سان شهيد ٿي وئي.“ اهو ٻڌي منهنجي اکين منجهان پاٹمرادو ڳوڙها وهي آيا ۽ خاموش سڏڪا پرڻ لڳس.

”هن جنگ؛“ ميڊم اڇبا جو آواز ڪنن تي پيو: ”۾ اوهان سڀني پنهنجو ڪردار خوب نڀاهيو. جنگ ختم ٿي چڪي آهي، امن فورس کي فتاحيابي ملي آهي، اسان ڪالاباب جي فوج کان ڌرتيءَ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون ۽ هاڻي ڌرتيءَ ڏانهن واپس

وري رهيا آهيون، پر ياد رکو سفر دوران اجا به ڪئي اڻوٽندڙ واقعا پيش اچي سگهن ٿا. ان ڪري سيني شٽل ڪماندرن کي هدايت ڪجي ٿي ته هو ڌيان سان شٽلن جو رخ ڌرتي ڏانهن موڙئين، خلا ۾ ڪيترين ئي ڇپون اوهان جي شٽلن ڏانهن تيزي سان اينديون، انهن سان ٽڪر وڏو نقصان رسائي سگهي ٿو.“ اسڪرين بند ٿي وئي. آئون ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي، اکيون بند ڪري اميءَ کي ياد ڪرڻ لڳس.

# 4

اسان زمين کان ڏهن مهينن جا فاصلي تي هئاسين جو هڪ پيرو ٻيهر اسڪرين تي ميڊم اپجبا اعلان ڪيو:
”ڊاڪٽر يارڪ ۽ سندس ٽيم ٽامي ۽ فائبر آپٽڪس منجهان ڏاتو ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا آهن ۽ تمام جلد خلا ۾ ڌرتيءَ جي سرحدن جي حفاظت لاءَ اها چادر وڇائي ويندي، جنهن ڪانپوءِ ڪڏهن به ڪا بربادي جي ٻاهرين قوت ڌرتي کي ختم نه ڪري سگهندي.“
اسان جي شٽل جون اندريون لائٽون بند ٿي ويون، اسان سمهڻ جي تيارين ۾ هئاسين جو هڪدم هڪ وڏي ٺڪاءُ سان اسان جي شٽل لڏي وئي، اسان ڪنهن چپ سان ٽڪرايا هئاسين. هر طرف ٻيچ ٻڪ شروع ٿي وئي، شٽل تي رڙين جا آواز پڻ ٿي ويا، سيني کي اهو ئي هو ته هاڻي اسان به موت جي منهن ۾ اچي ويا آهيون، هاڻي زمين تي زنده سلامت نه پهچي سگهنداسين، شٽل کي جهٽڪا آيا ته سڀ ڪرسين تان لوهي فرش تي اچي ڪريا. اسان جي شٽل جو ڪمانڊر ميجر راڪيش پڻ پريشان ٿي ويو، ڌڪ لڳڻ ڪارڻ شٽل جو هڪ پاسو مڪمل چبو ٿي ويو. اسان سيني کي سهي پاسي ۾ ويهاريو ويو، جنهن سان شٽل جو توازن بگڙي ويو ۽ هر هر جهٽڪا لڳڻ لڳا. جيسمين کي حڪم ڏنو ويو ته هوءَ مٿاميٽڪل فارمولا جوڙي. ٻي پاسي ميجر راڪيش فزڪس جي نظرين موجب توانائي بچائڻ ۾ لڳي ويو. شٽل جو فيول تيزي سان ختم ٿيڻ لڳو. اسان وٽ باقي ڇهن مهينن جو فيول بچل ڏيکاريو ويو، جنهن ڪانپوءِ شٽل پاڻمرادو تباهه ٿي ويندي. زمين اسان کان اجا به ڏهه مهينا ڏور هئي. توانائي بچائڻ لاءِ هاڻي شٽل تي هر وقت اونداهي رهڻ لڳي. جيسمين بنا اک ڇپڻ جي فارمولا جوڙيندي ۽ ڊاهيندي رهي، اسان سڀ همت هاري ويناسين. هوءَ هڪدم سندس جاءَ تان اٿي ۽ ڀڄندي ڏاڪڻون چڙهي ڪنٽرول روم ۾ وئي. اسان حيرت سان هن کي ۽ ڪمانڊر راڪيش کي بحث ڪندو ڏسندا رهياسين. نيٺ هو ٻئي ان ڳالهه تي راضي ٿيا ته شٽل جي رفتار روشني جي رفتار کان ٻيٽي ڪئي وڃي. ٻئي پاسي اها خبر ملي ته اسان جي شٽل خلا ۾ امن فورس جي آخري شٽل آهي، باقي شٽلون خيرت سان زمين تي پهچي ويون آهن. شٽل تي هر وقت خطري جا سائرن وڄندا ٿي رهيا. جئين ئي شٽل جي رفتار تيزي ڪئي وئي ته فيول پڻ تيزي سان ختم ٿيڻ لڳو ، جنهن جي ڪري سٽل جي ڇت ۾ ڏار پوڻ لڳا، ميجر راڪيش

ٻه پريشان رهڻ لڳو، پر ڪمانڊ برقرار رکيائين. فيول جي گهٽتائي سبب خطري جا سائرن تيزي سان وڄڻ لڳا.

اسان وٽ باقي 15 ڏينهن جو فيول بچيو، جڏهن ته زمين اسان کان ٽن مهينن جي ڏوري تي هئي، جيسمين جا سمورا فارمولا ناڪام ثابت ٿي ويا، هوءَ به همت هاري ويهي رهي، شٽل جو تباهه ٿيڻ يقيني ٿي پيو. سڀ خاموشي سان ويهي ايندڙ موت جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. جيسمين منهنجي پاسي کان اچي ويٺي، اسان هڪ ٻئي سان نه ڳالهايو، هوءَ ڏندي کي ٽيڪ ڏئي اکيون بند ڪيو ويٺي رهي.

ميجر راڪيش ڪنٽرول روم کان نڪري ڊاڪٽر تي اچي بيٺو ۽ ڳالهايائين، سڀني جو ڌيان هن ڏانهن ويو:

”هن شٽل جي حفاظت منهنجي ذميواري آهي ۽ جيستائين منهنجي جسم ۾ جان آهي، آئون شٽل کي بچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندس، هيڊ ڪائوٽر سان اسان جو رابطو ٽٽي چڪو آهي، اهو پڻ ممڪن آهي ته هاڻي اسان هيڊ ڪائوٽر جي لسٽ ۾ زنده نه هجون، پر اوهان سڀ همت نه هاريو.“ منهنجي نظر ميجر جي ڳيچي ۾ لڙڪندڙ نيري رنگ جي ڪيپسول ڏانهن وئي، ان ۾ ڪنهن نيري رنگ جي شيءَ جو ذرڙو پاڻياڻي مادي ۾ تري رهيو هو، اهو ذرو چمڪيلو هو ۽ ان منجهان شعائون ٿي نڪتيون. مون جيسمين کي نوٽ هڻندي پڇيو:

”ميجر صاحب جي ڳيچي ۾ ڇا پيو لڙڪي؟“ جيسمين ميجر ڏانهن ڏسي لاپرواهي ۾ چيو:

”اينٽي ميٽر.“

”اهو ڇا ٿيندو آهي؟“ حيرانيءَ منجهان پڇيم.

”مادي جي مخالف قوت،“ هن ٿڌو ساهه ڀريندي چيو. سائرن جي آواز تي هوءَ چپ ٿي وئي ۽ پوءِ چيائين:

”سائنسدانن جي خيال موجب اينٽي ميٽر ئي بگ بينگ (هڪ تمام وڏو ڌماڪو جنهن ڪانپوءِ هي ڪائنات وجود ۾ آئي) جو ڪارڻ آهي. هڪ اهڙي طاقت جيڪا ڪنهن به مادي سان ٽڪرائجندي ته هڪ تمام وڏو ڌماڪو ٿيندو، جنهن جي نتيجي ۾ سڀ ڪجهه ختم ٿي سگهي ٿو، ان جي هڪڙي ڦڙي ۾ 25 نيوڪلر بمن کان وڌيڪ طاقت آهي، اينٽي ميٽر جو ذڪر ڊين برائون سندس ڪتاب ”اينجلز اينڊ ڊيمنز“ ۾ به ڪيو آهي.“ جيسمين خاموش ٿي وئي. آئون اينٽي ميٽر جي طاقت بابت سوچڻ لڳس، اوچتو منهنجي پينٽ

جي ڪيسي ۾ پيل ايلڪٽرانڪ پين ٽين....ٽين....ٽين..... ڪرڻ لڳي. مون ڇرڪ ڀريو، جيسمين جي ڪنن تي بہ اهو آواز پيو، هن مونکي ڏسي اکيون ٻوٽي ڇڏيون. مون پينٽ جي ڪيسي منجهان پين ڪڍي هٿ جي تري تي هنئين، ان منجهان ڳاڙهي روشني نڪتي، هٿ جي تريءَ تي نيرو ڪيپسول نهي پيو. پين منجهان ٻئي شڪل نڪتي، جنهن ۾ اهو اسارو هو تہ اينٽي ميٽر ڪي اهڙي نموني استعمال ڪجي جو اهو ڪنهن بہ مادي سان نہ ٽڪرائي ۽ اسان کي توانائي پڻ ڏئي. پين موجب نيرو پاٽي اينٽي ميٽر جي شڪل آهي، جنهن ۾ اهو نيرو ڪيپسول ترندو ۽ ڪنهن بہ شيءَ سان نہ ٽڪرائجندو.
مون جيسمين کي نوٽ هنئي، هن اکيون کولي مون کي ڏٺو.
”ڇا اسان اينٽي ميٽر کي توانائي لاءِ استعمال نٽا ڪري سگهون؟“
”تون ڇريو ٿي ويو آهين،“ هيڊي بيجان مرڪ مرڪي طنز ڪندي چيو. مون سندس هٿ جي تري پڪڙي پين منجهان نڪرندڙ شڪل ڪيس ڏيکاري. هوءَ پين مونکان وٺي ڪنٽرول روم ڏانهن ڀڳي، آئون بہ حيرانيءَ منجهان اٿي هن جي پٺيان ڀڳس، ايتري ۾ سائرن وڳو ۽ آواز آيو:
”فيول ختم ٿيڻ تي آهي.“
جيسمين، ميجر راڪيش سان ٻيهر ۾ بحث ۾ لڳي وئي، آئون وائڙن جيان ٻنهي کي ڏسندو رهيس، ڇت جو هڪ حصو اچي فرش تي ڪريو. اسان ٻاهران ڪان فورس جو رڙيون ٻڌيون.
”اسان وٽ پيو ڪو بہ چارو نہ آهي،“ جيسمين راڪيش کي چيو.
”پر هن ۾ تہ جيتري غلطي يا لاپرواهي سڀ ڪجهہ تباهہ ڪري ڇڏيندي.“ ميجر راڪيش احتجاج ڪندي چيو.
”ٺيڪ آهي پوءِ اسان سڪون سان ويهي موت جو انتظار ٿا ڪريون،“ جيسمين ڪاوڙ منجهان چيو. اسان ڪجهہ پل خاموش ويهي هڪ ٻئي کي ويران نظرن سان ڏسندا رهياسين، وري هڪ ٻيو حصو ڇت تان ڪريو. هن ڀيري ميجر سندس ڳيچي ۾ لڙڪندڙ ڪيپسول لاهي ورتو، سندس منهن پگهر سان ڀرجي ويو، هن پگهر صاف ڪري منهنجي پين جو نيرو پاٽياتي حصو الڳ ڪيو ۽ وڏو ساهہ ڪٽي چيائين:
”هي سڀ اسان جي احتحاط سان ڪرڻو پوندو.“ ۽ ڪيپسول زنجيري کان الڳ ڪيو. ميجر جڏهن پين جي ڪليل حصي ڏانهن ڪيپسول وڌايو، سندس هٿ ڏڪڻ لڳا ۽ اکيون بند ڪري ٽڌو ساهہ ڀريائين. مون سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو:

”ميجر صاحب همت ڪريو هي ڪم رڳو اوهان ئي ڪري سگهو ٿا.“ هن اڪيون ڪولي ويران نظرن سان اسان کي ڏٺو ۽ پوءِ هوريان چپن ۾ ڪجهه پڙڪيائين، هوريان نيري حصي کي ڪيپسول جي ويجهو ڪيائين، نيري مواد ڪيپسول کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو، هڪ پل لاءِ شٽل تي موجود هر شيءِ لوڏي وئي، ڪيپسول نيري رنگ ۾ ترڻ لڳو، ميجر راڪيش سک جو ساهه ڪنيو. اسان ٽئي شٽل جي فيول ڪِٽ ڏانهن ڀڳاسين، ان ڪِٽ ۾ ڪيترائي ساڪٽ هئا، جن منجهان هڪ ساڪٽ پين جي سائز جو نظر آيو. ميجر صاحب تڪڙ ۾ پين جو حصو ان ساڪٽ ۾ وڌو، شٽل تي عجيب آواز پيدا ٿيو جڻ واچوڙو اچي ويو هجي، جنهن جي ڪري سڀ ڇرڪجي ويا. ميجر راڪيش هڪ هڪ ڪري سڀ سُچ ۽ ليور هيٺ ڪيا، وري به ساڳيو ئي آواز آيو، اسان ٽنهي هڪ ٻئي کي ويران نظرن سان ڏٺو، ان پل شٽل جون سموريون روشنيون ٻري پيون، فيول پنهنجي مقدار کان ايترو وڌيڪ جو اسان اجا به خلا ۾ پنج سو سالن جو سفر ڪري ٿي سگهياسين. شٽل جون ڪجهه بند پيل انجنون چالو ٿي ويون. ڪمپيوٽر سسٽم هلڻ لڳا ۽ ڏرتيءَ اسان جي هيڊ ڪاوٽر سان رابطو بحال ٿي ويو. اڌ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ اسڪرين جهٽڪي سان کلي ۽ ڊاڪٽر شيام جو مرڪندڙ چهرو ظاهر ٿيو.
”اوهان؛“ هن خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو: ”سيني کي ٻيهر ڏسي مونکي سڪون مليو آهي، اوهان زمين جي سرحد کان ڪجهه ئي فاصلي تي آهيو، اسان سڀ اوهان جي آڌرڀاءُ لاءِ تيار بيٺا آهيون.“ اسڪرين بند ٿي وئي. اسان سيني جي چهرن تي مرڪ اچي وئي ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳاسين.

.......20 سالن ڪانپوءِ............

ڊاڪٽر يارڪ وارن ڪاميابي سان زمين ٻاهران خلا ۾ حفاظتي چادر وڇائي ڇڏي آهي ۽ ٻئي رٿا تي پڻ ڪم ڪري رهيو آهي. آئون امن سائنٽيفڪ سوسائٽي جو اهم ميمبر ٿي چڪو آهيان. اڄ ڪلهه اسان دنيا ۾ وڌ کان وڌ فصل پيدا ڪرڻ لاءِ تحقيق ڪري رهيا آهيون، جئين ڪوبه انسان بک جي ڪري نه مري. منهنجي خيال ۾ بک پڻ امن لاءِ وڏو خطرو آهي.
مون پنهنجي پاڙيسري عطيا سان شادي به ڪري ڇڏي. هوءَ حد کان وڌيڪ مذهبي آهي ۽ منهنجي سائنسي تحقيق تي هر پيري چوندي آهي:

”تون قدرت جي ڳجهن ۾ هٿ نه وجهئين، ڪٿي قدرت توکي سزا نه ڏئي.“ انهن ڳالهين تي آئون سواءِ ڪلڻ جي ٻيو ڪجهه به نه ڪري سگهندو آهيان.

ها ٻئي ڳالهه منهنجو پٽ يوسف 17 سالن جو ٿي چڪو آهي، ڪالهه هن منهنجي لائبرري منجهان ڳالهائيندڙ ڪتاب ڪڍي ڪوليو. پيانيا تو اهو ڪتاب سندس زندگي به تبديل ڪري ڇڏيندو.